# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1985

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1985

# سنڌ ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1985

# THE SINDH CO_OPERATIVE HOUSING AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1985

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1982 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 14 جي ترميم

Amendment of Section 14 of Sindh Ordinance V of 1982

3. 1982 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 14_A جي شموليت

Insertion of Section 14_A of Sindh Ordinance V of 1982

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1985

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1985

## سنڌ ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1985

## THE SINDH CO_OPERATIVE HOUSING AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1985

[24 جون 1985]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ڪوآپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس، 1982 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ڪوآپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس، 1982 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي.

۽ جيئن تہ سنڌ اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل

| | |
|---|---|
| اختيارن تحت سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي: | |
| 1. (1) هن آرڊيننس کي ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1985 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس، 1982 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل آرڊيننس، سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 14 ۾:<br>(i) ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "ڇهہ مهينا" لاءِ لفظ "هڪ سال" متبادل ٿيندا؛<br>(ii) ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "هڪ سال" لاءِ لفظ "ٻہ سال" متبادل ٿيندا. | 1982 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 14 جي ترميم<br>Amendment of Section 14 of Sindh Ordinance V of 1982 |
| 3. ڄاڻايل آرڊيننس ۾، دفعہ 14 کانپوءِ هيٺين دفعہ 14_A شامل ڪئي ويندي:<br>"14_A. ڪو بہ شخص جيڪو سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 تحت يا ان تحت جوڙيل قاعدن يا سوسائٽي جي ٻاءِ لاز تحت سوسائٽي جي ڪنهن عهدي تان هٽايو ويو آهي يا آفيس رکڻ کان نااهل ڪيو ويو آهي اهو دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ (1) تحت چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ اهل هوندو، جيستائين ٻہ سالن جو عرصو يا گهٽ عرصو جيئن حڪومت ڪنهن معاملي ۾ بيان ڪري، ان جي برطرفي يا نااهلي، جيئن | 1982 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 14_A جي شموليت<br>Insertion of Section 14_A of Sindh Ordinance V of 1982 |

معاملو هجي، کي گذري ويو هجي.“

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**